مدني مرڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امام مسجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
10 جولائي، 2026ع (متوقع اسلامي تاريخ 24 محرم شريف، 1448ھ) جي جمعة المبارڪ
جوقرآني بيان

قرآني بيان
بنام

خوفِ خُدا جا فائدا

هن بيان ۾ توهان ڇاڻي سگهندؤ...

- ... نيڪين تي استقامت جو وظيفو
- ... صبح جو اک ڇو ناهي ڪلندي...؟
- ... خوفِ خُدا جا فائدا ۽ ثواب
- ... دل جي سختي جو علاج

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة
Islamic Research Center
(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ط وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتكاف جي نيّت ڪئي)

درودِ پاڪ جي فضيلت

قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم:

مَنْ صَلّٰى عَلَيَّ فِيْ كِتَابٍ لَمْ تَزَلِ الْمَلَائِكَةُ تَسْتَغْفِرُ لَهٗ مَا دَامَ اسْمِيْ فِيْ ذٰلِكَ الْكِتَابِ۔

آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو، جيستائين منهنجو نالو ان ۾ رهندو، ملائڪ ان جي لاءِ بخشش جي دعا ڪندا رهندا.“ (1)

عجب کرم ہے کہ خود مُجرِموں کے حامی ہیں | گناہگاروں کی بخشش کرانے آئے ہیں
وہ پرچہ جس میں لکھا تھا درود اس نے کبھی | یہ اس سے نیکیاں اس کی بڑھانے آئے ہیں (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]...معجم اَوْسط، جلد:1، صفحہ:497، حدیث:1835۔
[2]...سامانِ بخشش، صفحہ:141و 142 ملتقطاً۔

وضاحت: ڪيڏي نہ خوب ڪرم نوازي آهي جو پاڻ ئي پنهنجي امت جي گناهگارن جا حامي آهن ۽ انهن جي بخشش ڪرائڻ لاءِ تشريف آڻين ٿا، دنيا ۾ ڪنهن ورق تي درودِ پاڪ لکيو هوندو تہ ان جي نيڪين کي وڌائڻ لاءِ ڪرم فرمائين ٿا.

اَلَّذِیْنَ یَظُنُّوْنَ اَنَّهُمْ مُّلٰقُوْا رَبِّهِمْ وَ اَنَّهُمْ اِلَیْهِ رٰجِعُوْنَ

صَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِیُّ الْکَرِیْم صلّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم

ترجمو ڪنزالعرفان: جن کي يقين آهي تہ انهن کي پنهنجي رب سان ملڻو آهي ۽ انهن کي انهيءَ ڏانهن موٽي وڃڻو آهي. (پاره: 1، البقره: 46)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

آيت سڳوريءَ جي مختصر وضاحت:

پيارا اسلامي پائرو! اسان پهرئين سيپاري جي سورت بقره جي آيت 46 ۾ ڏنل جي سعادت حاصل ڪئي. هن آيت سڳوري ۾ اسان کي هڪ اهم سبق ڏنو ويو آهي. هن آيت جو پسِ منظر ائين آهي تہ ربِ ڪائنات اسان کي نماز ۽ صبر جو حڪم ڏنو، پوءِ فرمايو:

وَاِنَّهَا لَكَبِیْرَةٌ اِلَّا عَلَى الْخٰشِعِیْنَ

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ بيشڪ نماز ضرور ڳري آهي پر انهن تي جيڪي دل سان مون طرف جهڪن ٿا. (سيپارو: 1، البقره: 45)

يعني نماز تمام ڪري آهي، تمام ڏکيو ڪم آهي، ها! جيڪي خاشعين آهن، ربِ ڪريم جو خوف رکڻ وارا آهن، ان رحمن ۽ رحيم رب سان محبت رکڻ وارا آهن، جن جون دليون خوف ۽ خشيت سان پريل آهن، انهن لاءِ هي ڪم ڏکيو ناهي، بلڪ تمام آسان آهي.

هاڻي خاشعين (يعني خوفِ خدا وارا) ڪير آهن؟ ان جي وضاحت ڪئي پئي وڃي، ارشاد ٿئي ٿو:

اَلَّذِیْنَ یَظُنُّوْنَ اَنَّهُمْ مُّلٰقُوْا رَبِّهِمْ وَ اَنَّهُمْ اِلَیْهِ رٰجِعُوْنَ

ترجمو ڪنزالعرفان: جن کي يقين آهي تہ کين پنهنجي رب سان ملڻو آهي ۽ انهن کي انهيءَ ڏانهن موٽي وڃڻو آهي. (پاره:1، البقرة:46)

هن جاءِ تي "ظن" (گمان) جو مطلب "يقين" آهي.[1] هي خاشعين جون ٻہ صفتون آهن: (1) خاشع اهو هوندو آهي جيڪو قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ حاضريءَ جو يقين رکندو آهي ۽ پيشيءَ جو خوف دل ۾ رکندو آهي. (2) خاشع اهو هوندو آهي جيڪو موت کي ۽ دنيا مان موٽي رب جي بارگاهہ ۾ وڃڻ کي هر لمحي پيشِ نظر رکندو آهي.

سڀ مشڪلون آسان ٿي ويندیون

مشهور مفسرِ قرآن، حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن آيت جي وضاحت ۾ لکن ٿا: بني اسرائيل کي ايمان آڻڻ جو حڪم ڏنو ويو پر اهو انهن تي تمام ڳرو هو (انهن کي پنهنجا عهدا ۽ منصب ختم ٿيندي نظر پئي آيا، آمدني بند ٿيندي پئي ڏٺائون، ان ڪري مال ۽ عهدي جي لالچ ۾ ايمان

[1]...تفسير جلالين مع حاشيہ صاوی ، پاره:1، سورۂ بقرة، زير آيت:46، جز :1، جلد:1، صفحہ:69۔

قبول نہ ٿيا ڪن). انهن کي ان جو حل ڏنو ويو، حڪم ٿيو: صبر ۽ نماز ذريعي مدد حاصل ڪريو! انهن ۾ عبادتن ذريعي توهان ۾ ايمان قبول ڪرڻ جي همت اچي ويندي. هاڻي مسئلو هي هو تہ نماز پاڻ هڪ ڏکيو ڪم آهي، پابنديءَ ۽ خشوع و خضوع سان نماز پڙهڻ آسان ناهي. ۾ين لفظن ۾ ايئن ڪٽي چئجي تہ هڪ مشڪل جو جيڪو حل ڏنو ويو، اهو پاڻ مشڪل آهي. تنهنڪري ان جي آسانيءَ جي تدبير ٻڌائي وئي، فرمايو ويو: ◈ پنهنجي رب سان ملاقات ۽ ان ڏانهن موٽي وڃڻ جو خيال دل ۾ پڪو ڪري ونو! ◈ جڏهن دل ۾ اهو خيال پيدا ٿي ويندو تہ ◈ دنيا جي فڪرن کان نجات ملي ويندي، ◈ دل کي قرار اچي ويندو، ◈ دل کي قرار آيو تہ نماز آسان ٿي ويندي بلڪ نماز جي لذت ملڻ لڳندي، ◈ جڏهن لذت ملندي تہ نماز جي محبت وڌندي، ان سان توهان نماز جا پابند ٻڌجي ويندؤ ◈ **جڏهن نماز جا پابند ٿيندؤ تہ ان جي برڪت سان سڀ مشڪلون آسان ٿي ويندیون.** [1]

سُبْحٰنَ اللّٰه! پيارا اسلامي پائرو! هن ترتيب تي غور ڪريو! سڀ کان پهرين شيءِ جيڪا گهرجي، اها آهي: خوفِ خدا، اللّٰه پاڪ جي بارگاهہ جو تصور، ۽ موت جي ياد. جڏهن هي نصيب ٿي وڃي تہ ◈ ماڻهو نمازي ٻہ ٻڌجي ويندو آهي. ◈ نيڪين جي محبت ٻہ ملندي آهي. ◈ گناهن کان نفرت ٻہ ٿيندي آهي. ◈ دنيا جي محبت ٻہ ختم ٿي ويندي آهي. ◈ فڪرِ آخرت نصيب ٿيندي آهي. اخلاق ۽ ڪردار سنوري ويندا آهن. خوفِ خدا ۽ موت جي ياد سان سڀ مشڪلون ٻہ آسان ٿي وڃن ٿيون.

---

[1]...تفسير نعيمى، پاره:1، سورۂ بقرة، زير آيت:45، جلد:1، صفحه:350 و 351 خلاصةً۔

قَبر بھی اُس کی جنّت کا گلزار ہے
باغِ فِردوس کا بھی وہ حقدار ہے
قلب میں جس کے راسِخ ہے خوفِ خدا
جو مقدّر سے ہے عاشقِ مصطَفٰے
اُس کو نارِ جہنَّم سے کیا واسِطہ
مرتے ہی بِالْیَقِیْں سُوئے جنّت گیا(1)

پيارا اسلامي پائرو! هن آيت مان خوفِ خدا جا فائدا سمجهه ۾ اچن ٿا.

نيڪين تي استقامت جووظيفو:

سڀ کان پهريون فائدو ته اهو ئي آهي ته خوفِ خدا جي برڪت سان ماڻهو پڪو، سچو نمازي بڻجي وڃي ٿو. ڪڏهن ماڻهو شڪايت ڪندا آهن ته: مان چاهيان ٿو نمازي بڻجي وڃان پر بڻجي نٿو سگهان. روزانو الارم لڳائي سمهان ٿو پر فجر لاءِ اک نٿي کلي. سيئي نمازون پڙهڻ جي نيت ڪريان ٿو پر عمل نٿو ٿئي. هن مشڪل جو بهترين علاج قرآنِ ڪريم اسان کي ٻڌايو آهي:

اَلَّذِیْنَ یَظُنُّوْنَ اَنَّهُمْ مُّلٰقُوْا رَبِّهِمْ وَ اَنَّهُمْ اِلَیْهِ رٰجِعُوْنَ

ترجمو: ڪنزالعرفان جن کي يقين آهي ته کين پنهنجي رب سان ملڻو آهي ۽ انهن کي انهيءَ ڏانهن موٽي وڃڻو آهي.

يعني جيڪي نمازي بڻجڻ چاهين ٿا پر بڻجي نٿا سگهن، جن جون دليون نماز ڏانهن مائل نٿيون ٿين، جن کي دنيا جون مصروفيتون نماز کان ٻين نيڪ ڪمن کان غافل ڪن ٿيون، انهن کي گهرجي ته رب جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيڻ جو تصور ڪن ۽ موت کي گهڻو ياد ڪن. ان جي برڪت سان نمازن ۽ نيڪين جي محبت ۾ ملندي ۽ استقامت ۾ نصيب ٿيندي، ان شاءَ الله! پڪا سچا نمازي

1...وسائلِ بخشش، صفحہ:656۔

بڌجي ويندا.

صبح جواڪ چوناهي ڪلندي...؟

حافظِ ملت علامہ عبدالعزيز رَحْمَةُاللهِعَلَيْه هڪ دفعي ميلاد شريف جي جلسي ۾ فرمايو: ٻڌايو! اهڙو انسان جيڪو ڪيترين راتين کان جاڳيل هجي، ٽڪل هجي، ان لاءِ هڪ تمام آرامده بسترو ۽ هر قسم جي آرام جو سامان مهيا ڪيو وڃي، پر ڪيس چيو وڃي تہ هن ڪمري ۾ هڪ نانگ رهي ٿو، تہ ٻڌايو! ڇا ان ٽڪل ماڻهوءَ کي اتي ننڊ ايندي؟ ڪنهن چيو: نہ. پوءِ فرمايائون: ڇو نہ ايندي؟ ان ڪري جو ان جي دل ۾ نانگ جو ڊپ دل ۾ ويهي ويو. جڏهن نانگ جي خوف سان ننڊ ڦٽي سگهي ٿي، تہ خدا جو خوف دل ۾ هجي ۽ نماز جي وقت ننڊ اچي وڃي، ائين ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ (1)

پيارا اسلامي ڀائرو! اها واقعي هڪ حقيقت آهي، اسان کي گهرجي تہ پنهنجي دل ۾ خوفِ خدا پيدا ڪيون، موت کي ياد ڪندا رهون ۽ ربِّ ڪريم جي بارگاهہ ۾ حاضريءَ جو تصور ڪيون. رات جو جڏهن سمهڻ لڳو تہ فجر جي نماز لاءِ الارم (Alarm) ضرور لڳايو، بلڪ ڪنهن نمازي يا ٿي سگهي تہ محلي جي مسجد جي امام صاحب جي خدمت ۾ درخواست ڪريو تہ هو توهان کي صبح جو نماز جي وقت سجاڳ ڪري ڇڏين. ان سان گڏوگڏ هڪ ٻيو ڪم بہ ڪريو، رات جو سمهڻ کان پهريان بستري تي ليٽي ڪجهہ دير لاءِ موت، قبر ۽ آخرت جو تصور ڪيو. هي سمهڻ جي آدابن مان بہ آهي تہ سڄي پاسي، سڄي رخسار (ڳل) جي هيٺان سڄو هٿ رکي، قبلي ڏانهن منهن ڪري سمهو ۽ ان وقت قبر ۾ سمهڻ جو تصور قائم ڪريو. ان جي برڪت سان اِنْشَآءَاللهُ

---

[1] ...معارف حافظ ملت، صفحہ:87۔

اَلْكَرِيْم! ٻين ڪيترن ئي فائدن سان گڏ فجر ۾ اٺڻ جي توفيق ب ملي ويندي.

رب جي بارگاه ۾ حاضريءَ جو خيال طاقت ڏيندوآهي

پيارا اسلامي ڀائرو! خوفِ خدا، الله پاڪ جي بارگاهه ۾ حاضريءَ جو خوف ۽ اهو تصور نهايت ئي ڪمال جي شيءِ آهي. ان سان انسان کي همت ۽ حوصلي جي قوت ملي ٿي، هي اها پوشيده طاقت آهي جيڪا اسان کي باهمت ۽ بلند حوصلي وارو بڻائي ڇڏي ٿي. ان جي برڪت سان ماڻهو اهڙا عظيم ڪارناما سرانجام ڏئي وڃندو آهي جو دنيا حيران رهجي ويندي آهي. الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ هڪ واقعو ذڪر فرمايو آهي تہ حضرت طالُوت (رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه) بني اسرائيل جا بادشاهه هئا، ڪين بادشاهه ڪنهن بڻايو هو؟ ان وقت جي نبي (عَلَيْهِ السَّلَام) ڏانهن وحي آئي ۽ الله پاڪ جي حڪم سان ڪين بادشاهه مقرر ڪيو ويو.

جڏهن پاڻ بادشاهه بڻجي ويا تہ ان وقت هڪ وڏو غير مسلم (ظالم) بادشاهه 'جالُوت' هو. حضرت طالوت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ وڏو لشڪر گڏ ڪيو ۽ جالوت سان جنگ لاءِ روانا ٿيا. جڏهن هي لشڪر جنگ جي ميدان ڏانهن وڃي رهيو هو تہ رستي ۾ الله پاڪ کي انهن جو امتحان مقصود هو، سو حڪم ٿيو: ٿورو اڳتي هلي هڪ نهر ايندي، توهان کي اڄ ب گهٽي لڳندي پر جيڪو ان نهر مان پاڻي نہ پيئندو، اهو ئي لشڪر ۾ شامل رهندو، ۽ جيڪو پاڻي پي ونندو، ان کي واپس گهر موڪليو ويندو. هلندي هلندي ٿورو ئي اڳتي اها نهر اچي وئي. هاڻي صورتحال اها ٿي جو ڪيترن ئي ماڻهن نهر مان پاڻي پي ورتو، حضرت طالوت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان سيني کي لشڪر مان الڳ ڪري گهر موڪلي ڇڏيو. هاڻي جيڪي باقي بچيا، اهي صرف 313 هئا.

هاڻي مقابلو جالوت سان هو، جيڪو هڪ انتهائي طاقتور ۽ وڏي فوج وارو بادشاهه هو. ٻئي طرف حضرت طالوت رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جي لشڪر ۾ صرف 313 مجاهد هئا. هي (تعداد جي ڪمي) ڏسي ڪجهه ماڻهن جا حوصلا ڪمزور ٿي ويا، همت جواب ڏئي وئي، اهي چوڻ لڳا:

لَا طَاقَةَ لَنَا الْيَوْمَ بِجَالُوْتَ وَجُنُوْدِهٖؕ

ترجموڪنزالعرفان: اڄ اسان ۾ جالوت ۽ ان جي لشڪرن سان مقابلي جي سگهه ناهي. (پاره: 2، البقره: 249)

يعني اهي جڏ ته همت هاري وينا هئا ته ڪٿي جالوت جو ايڏو وڏو ۽ طاقتور لشڪر، ۽ ڪٿي اسان صرف 313 افراد...!! اسان جالوت سان جنگ ڪيئن ڪنداسين؟ انهن همت هاريندڙن کان علاوه جيڪي باقي ماڻهو هئا، اهي ڪير هئا؟ الله پاڪ فرمائي ٿو:

اَلَّذِیْنَ یَظُنُّوْنَ اَنَّهُمْ مُّلٰقُوا اللّٰهِ

ترجمو ڪنزالعرفان: جيڪي الله سان ملڻ جو يقين رکندا هئا. (پاره: 2، البقره: 249)

سُبْحٰنَ الله! هي اهي ماڻهو هئا جن جي دل ۾ قيامت جو يقين هو، بارگاهه الاهيءَ ۾ حاضريءَ جو منظر انهن جي خيالن تي چانيل هو، هي خوفِ خدا رکڻ وارا هئا، الله پاڪ کان ڊڄڻ وارا هئا، هن موقعي تي هنن ڪيڏي نه همت ڏيکاري، چيائون:

كَمْ مِّنْ فِئَةٍ قَلِیْلَةٍ غَلَبَتْ فِئَةً كَثِیْرَةًۢ بِاِذْنِ اللّٰهِؕ وَ اللّٰهُ مَعَ الصّٰبِرِیْنَ

ترجموڪنزالعرفان: ڪيترائي ٻيرا ننڍي جماعت الله جي حڪم سان وڏي

جماعت تي غالب آئي آهي، ۽ الله صبر ڪرڻ وارن سان گڏ آهي. (پاره: 2، البقره: 249)

يعني اي انسانو! اسان 313 آهيون تہ چا ٿي پيو...!! جالوت جو لشڪر وڏو ۽ طاقتور آهي تہ چا ٿيو...؟ توهان همت نہ هاريو! اسان الله پاڪ جا ٻانها آهيون، الله پاڪ پنهنجي قدرت سان ڪيترا ئي ڀيرا ننڍي لشڪر کي وڏن وڏن لشڪرن تي فتح عطا فرمائي ڇڏيندو آهي، ان ڪري همت کان ڪم ونو...!! انهن جي اها نصيحت اثر ڪري وئي، پوءِ دنيا ڏنو تہ انهيءَ 313 جي مختصر لشڪر جالوت جي هزارن جي لشڪر کي زبردست ۽ تاريخي شڪست ڏني. (1)

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي ڏسو! انهن 313 ۾ هي جيڪي باهمت ۽ وڏي حوصلي وارا ماڻهو هئا، الله پاڪ خصوصيت سان انهن جو هي وصف بيان فرمايو تہ اهي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ حاضريءَ جو يقين رکڻ وارا هئا، خوفِ خدا وارا هئا، انهيءَ خوفِ خدا کين تمام گهٽو باهمت ۽ بلند حوصلي وارو بڻائي ڇڏيو هو، انهيءَ جي برڪت سان هنن ايڏي وڏي لشڪر تي غلبو حاصل ڪري ورتو.

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو تہ خوفِ خدا، قيامت جي ڏينهن بارگاهہ الاهيءَ ۾ حاضريءَ جو خيال انسان کي حوصلو ڏئي ٿو، همت ڏئي ٿو، جنهن جي برڪت سان انسان وڏين وڏين مشڪلاتن مان مرڪي گذري ويندو آهي. ڏسو نہ...! امامِ عالي مقام، امام حسين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ميدانِ ڪربلا ۾ ڪيڏو نہ صبر ڪيو، ڪيڏي استقامت ڏيکاري، ڪيڏو نہ ڏکيو امتحان هو، جنهن ۾ پاڻ ثابت قدم

1... تفسير خازن، پاره:2، سورۂ بقرة، زير آيت:249، جلد:1، صفحه:182 و183 خلاصةً۔

رهيا ۽ ڪامياب ٿي ويا. سندن ۾ اهو ئي وصف هو، پاڻ موت کي هر وقت سامهون رکندا هئا. 10 محرم جي رات، جنهن رات جي صبح جو ڪربلا ۾ جنگ ٿي، ان رات حضرت زينب رضی اللہ عنہا، جيڪا امام حسين جي ڀيڻ آهي، پاڻ امامِ عالي مقام جي خدمت ۾ حاضر ٿي، پنهنجي پريشاني ۽ ڏک انهن جي سامهون بيان ڪيائون ته ڪربلا جو ميدان آهي، چئني طرفن کان يزيد جا ظالم آهن، افسوس! هاڻي انهن مشڪلاتن سان ڪيئن منهن ڏبو ؟ امامِ عالي مقام رضي الله عنه ان وقت تمام سهڻي نصيحت فرمائي، ارشاد فرمايائون: ڀيڻ...!! شيطان تنهنجي برداشت ۽ صبر کي نقصان نه پهچائي، زمين وارا سڀ هڪ ڏينهن مري ويندا، آسمان وارن کي ۽ بقا ناهي، باقي رهڻ واري ذات صرف الله پاڪ جي آهي. (1)

ان ڪري پيارا اسلامي ڀائرو! پنهنجي دل ۾ خوفِ خدا وڌايو، الله پاڪ جي حاضريءَ جو تصور ڪندا ڪريو، موت کي ياد ڪريو، يقين ڄاڻو! ان جي برڪت سان مشڪلاتن سان پريل هن دنيا ۾ جيئڻ آسان ٿي ويندو. حضرت ڪعب الاحبار رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: "جيڪو موت کي سجاڻي ونندو آهي، ان تي دنيا جا غم ۽ مصيبتون آسان ٿي ويندیون آهن." امام حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو فرمان آهي: جنهن موت جي ياد دل ۾ ويهاري ڇڏي، دنيا جون سڀ مصيبتون (Hardships) ان تي آسان ٹي ويندیون..(2)

تم اے بوڑھو سنو! نوجوانو سنو!	اے ضَعیفو سنو! پہلوانو سنو!
موت کو ہر گھڑی سر پہ جانو سُنو!	جلد توبہ کرو میری مانو سنو!

1... تاريخ طبری، ثم دخلت سنة احدی و ستين، ذكر الخبر عما كان فيها من الاحداث، جلد:3، صفحه:316۔

2... موسوعه ابن ابی الدنيا ، كتاب ذكر الموت،جلد:5،صفحه:432، حديث:129۔

ايک دن موت آکر رهي گي ضرور | اس کو تم مجرمو! کچھ سمجھنا نه دور

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

خوفِ خُدا جا فائدا ۽ ثواب:

پيارا اسلامي ڀائرو! دل ۾ قبر ۽ آخرت جو خوف رکندڙن کي ڪهڙا ڪهڙا انعام ملن ٿا، ٻڌو! ◈ دل ۾ خوفِ خدا رکندڙن کي جنت جا باغ ۽ چشما عطا ڪيا ويندا. قرآنِ ڪريم ۾ آهي:

اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ جَنّٰتٍ وَّ عُيُوْنٍ ؕ

ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ پرهيزگار باغن ۽ چشمن ۾ هوندا. (پاره: 14، الحجر: 45)

هر شيءِ ان کان ڊڄندي آهي:

◈ حضرت فضيل بن عياض رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪو شخص الله پاڪ کان ڊڄندو آهي، هر شيءِ ان کان ڊڄندي آهي ۽ جيڪو الله پاڪ کان نٿو ڊڄي، الله پاڪ کيس هر شيءِ کان خوفزده ڪندو آهي. ◈ حضرت ڪعب الاحبار رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان روايت آهي: الله پاڪ سائي موتيءَ جو هڪ محل پيدا فرمايو آهي جنهن ۾ ستر هزار گهر آهن ۽ هر گهر ۾ ستر هزار ڪمرا آهن. ان ۾ اهو شخص داخل ٿيندو جنهن جي سامهون حرام پيش ڪيو وجي ۽ هو رڳو الله جي خوف کان ان کي ڇڏي ڏي. ◈ حضرت فضيل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪو شخص الله پاڪ کان ڊڄي ٿو تہ اهو خوف هر پلائيءَ ڏانهن ان جي رهنمائي ڪري ٿو. (1)

1...احياء العلوم،كتاب الخوف والرجاء، بيان فضيلت الخوف والترغيب فيه، جلد:4، صفحه:197۔

مثالي معاشري لاءِ خوفِ خدا پهريون شرط آهي:

پيارا اسلامي پائرو! خوفِ خدا جي فائدن مان هڪ اهم ۽ وڏو فائدو هي به آهي ته ان جي برڪت سان معاشري جون سموريون برايون ختم ٿي ويندیون آهن، جيڪڏهن اسان کي صحيح معنيٰ ۾ خوفِ خدا نصيب ٿي وجي، الله پاڪ جي بارگاهه ۾ پيش ٿيڻ جو ڊپ ملي وجي، موت جي ياد اسان جي دل ۾ ويهي وجي ته ان جي برڪت سان: ◈ اسان جو معاشره واقعي مثالي معاشرو بڻجي ويندو. ◈ اسان جي معاشري مان سموريون برايون ختم ٿي ويندیون. ◈ گناهن جا اڏا ويران ٿي ويندا ۽ پورو معاشرو دنيا ۾ جنت جي تصوير بڻجي ويندو. جيتوڻيڪ گناهن ۽ ڏوهن جا ٻيا به ڪيترائي سبب آهن، پر انهن ۾ هڪ تمام اهم ۽ بنيادي سبب خوفِ خدا جي گهٽتائي به آهي. ◈ شراب چو پيتو وجي ٿو؟ خوفِ خدا جي گهٽتائيءَ جي ڪري. ◈ ماڻهو بدڪاريءَ ڏانهن چو وڌي ٿو؟ خوفِ خدا جي گهٽتائيءَ جي ڪري. ◈ وياج چو کائين ٿا؟ خوفِ خدا جي گهٽتائيءَ جي ڪري. ◈ چوريون چو ٿين ٿيون؟ خوفِ خدا جي گهٽتائيءَ جي ڪري. ◈ ڏاڙا چو ٿا لڳن ؟ خوفِ خدا جي گهٽتائيءَ جي ڪري. ◈ ناحق قتل چو ٿين ٿا؟ خوفِ خدا جي گهٽتائيءَ جي ڪري. ◈ جوئا جا اڏا چو ٿا هلن؟ خوفِ خدا جي گهٽتائيءَ جي ڪري. ◈ ٻين کي ناحق تڪليف چو پهچائي وجي ٿي؟ خوفِ خدا جي گهٽتائيءَ جي ڪري. ◈ غيبت چو ٿئي ٿي؟ خوفِ خدا جي گهٽتائيءَ جي ڪري. ◈ چغلي، ڪوڙ، واعدي خلافي، گاريون ، هي سڀ چو آهن؟ خوفِ خدا جي گهٽتائيءَ جي ڪري. ◈ گهر گهر ۾ لڙائي چو آهي؟ خوفِ خدا جي گهٽتائيءَ جي ڪري. ◈ ماپ تور ۾ گهٽتائي چو ڪئي وجي ٿي؟ خوفِ خدا جي گهٽتائيءَ جي ڪري. مطلب ته، گناهن جي جيتري به وڏي فهرست تيار ڪئي وجي، انهن سيني گناهن جي سببن ۾ جيڪا بنيادي

شيءِ ملندي اها خوفِ خدا جي گهڻتائي هوندي. تنهنڪري جيڪڏهن اسان پنهنجي معاشري کي مثالي معاشرو بڻائڻ چاهيون ٿا، جيڪڏهن معاشري مان گناهن جو خاتمو ڪرڻو آهي تہ ان لاءِ اسان سيني کي دل ۾ خوفِ خدا پيدا ڪرڻو پوندو.

خوفِ خدا جي ڪري بيهوش ٿي ڪري پيا

حضرت مِسعَر بِن كِدَام رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه کان روايت آهي تہ هڪ ڏينهن اسان امامِ اعظم، امام ابوحنيفہ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه سان گڏ ڪنهن جاءِ تان گذري رهيا هئاسين، بي خياليءَ ۾ امامِ اعظم رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جو مبارڪ پير هڪ چوڪري جي پير تي پئجي ويو. چوڪري جي رڙ نڪري وئي ۽ هن جي واتان بي اختيار نڪتو: يَاشَيْخُ اَلَا تَخَافُ الْقِصَاصَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ يعني اي شيخ! ڇا توهان قيامت جي ڏينهن ورتي ويندڙ بدلي (قصاص) کان نٿا ڊجو؟ بس هن چوڪري جي اها ڳالهہ ٻڌڻي هئي تہ امامِ اعظم رحمۃاللہ علیہ تي ڏڪڻي طاري ٿي وئي ۽ پاڻ بيهوش ٿي زمين تي تشريف ڪٽي آيا. (1)

پيارا اسلامي ڀائرو! اندازو لڳايو! امامِ اعظم رَحمةُاللهِ عَلَيْه جو مبارڪ پير رڳو بي خياليءَ ۾ ان چوڪري جي پير تي پيو، پاڻ جاڻي واڻي ائين نہ ڪيو هئائون، ان چوڪري جي زبان مان بہ بي اختيار جملو نڪتو، پر ان جملي ۾ قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ حاضريءَ جو ذڪر هو. امامِ اعظم رَحمةُاللهِ عَلَيْه کي جيئن ئي الله جي بارگاهہ ۾ حاضريءَ جو خيال آيو، سندن تي ڏڪڻي طاري ٿي وئي ۽ بيهوش ٿي زمين تي ڪري پيا. غور فرمايو! جيڪو بانهو الله پاڪ کان ايترو ڊجندو هجي: ◈ ڇا اهو ڪنهن جي حق تلفي ڪندو؟

[1] ...اشکوں کی برسات، صفحہ:17۔

◈ چا اهو ڪنهن کي گاريون ڏيندو؟. ◈ چا اهو ڪنهن جي رقم ڦٻائيندو؟ ◈ چا اهو ڪنهن کي ناحق ستائيندو؟ ◈ چا اهو ٻين جي ننڊ خراب ڪندو؟ ◈ چا اهو ٻين تي عيب لڳائيندو؟ هرگز نہ! بلڪ جيڪو خوفِ خدا وارو هوندو، اهو هر گهڙي ٻين جي حقن جو خيال رکندڙ هوندو. معلوم ٿيو تہ جيڪڏهن اسان کي خوفِ خدا جي نعمت نصيب ٿي وڃي تہ اِنْ شَآءَاللّٰه الْكَرِيْم! معاشري مان ڏوهہ ۽ حق تلفيون بلڪل ختم ٿي ويندیون.

عطا ہو خوفِ خُدا خُدارا، دو الفتِ مصطفٰے خُدارا
کروں عمل سنتوں پہ ہر دَم، امامِ اعظم ابوحنیفہ(1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

مفتيِ اعظم هند رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ۽ خيرخواهي جو جذبو

هڪ پيري علامہ ارشد القادري صاحب رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي شهزادي، مفتيِ اعظم هند مولانا مصطفيٰ رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي پنهنجي مدرسي "مدرسہ فيض العلوم" ۾ اچڻ جي دعوت ڏني. حضور مفتيِ اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه تشريف کڻي آيا. واپسيءَ تي ريلوي اسٽيشن وڃڻ لاءِ حضور مفتيِ اعظم هند رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه رکشي ۾ سوار ٿيا ئي هئا تہ هڪ شخص حاضر ٿي عرض ڪيو: سائين! مان فلاڻي پريشانيءَ ۾ ورتل آهيان، تعويذ عطا فرمايو. علامہ ارشد القادري صاحب رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ان شخص کي چيو: گاڏي جو ٽائر ٽي چڪو آهي ۽ تون هاڻي تعويذ جي ڳالهہ ڪري رهيو آهين! مفتيِ اعظم هند رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه علامہ ارشد القادري صاحب کي روڪي چڏيو. علامہ صاحب عرض ڪيو: سائين!

---

[1]...وسائلِ بخشش، صفحہ:573۔

گاڏي هلي ويندي. ان تي سائين مفتيِ اعظم هند رَحمۃُاللہِعَلَیْہ خوفِ خدا جي جذبي سان لبريز ٿي فرمايو: وجي ٿي ته وڃڻ ڏيو، مان بي ٿرين تي هليو ويندس. سياڻي قيامت جي ڏينهن جيڪڏهن خداوندِ ڪريم پڇي ورتو ته تو منهنجي فلاڻي ٻانهي جي پريشانيءَ ۾ مدد ڇو نه ڪئي؟ ته مان ڪهڙو جواب ڏيندس؟ اهو فرمائي رڪشي تان سڄو سامان لهرائي ورتائون. (1)

خیالِ خاطرِ احباب چاہئے ہر دَم | انیسؔ ٹھیس نہ لگ جائے آبگینے کو

وضاحت: هر وقت مسلمان ڀائرن جي دل جو خيال رکڻ گهرجي، الله نه ڪري ڪنهن جي دل آزاري ٿي پوي!

اي عاشقانِ رسول! غور فرمايو! مفتيِ اعظم هند رَحمۃُاللہِعَلَیْہ خوفِ خدا وارا هئا، ڪين قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي بارگاهه ۾ پيشيءَ جو خوف هو. پاڻ هڪ ڏڪويل مسلمان جي خيرخواهي لاءِ ٿرين جو نڪري وڃڻ ته قبول ڪيو، پر ان جي دلجوئي ڪرڻ کان سواءِ وڃڻ پسند نه ڪيو. هاڻي غور فرمايو! مسلمان ڀائرن جي خيرخواهيءَ جو هي جذبو جيڪڏهن اسان کي نصيب ٿي وڃي ته اسان جو معاشرو ڪيڏو حسين ۽ خوبصورت بڻجي ويندو، ويڑهه ۽ جهيڙا ختم ٿي ويندا، گار گند جو تصور به باقي نه رهندو، حسد، ساڙ ۽ ڪينو وغيره جهڙيون تمام باطني بيماريون معاشري مان ختم ٿي ويندیون. ۽ اهو سڀ ڪيئن ٿيندو؟ خوفِ خدا جي ذريعي.

قلب میں خوفِ خُدا رکھ کر تُو سارے کام کر | کامیابی ہو گی تیری اِنْ شَآءَ اللہ! ہر ڈگر (2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

1...مفتی اعظم ہند کی استقامت و کرامت، صفحہ:120و 121 خلاصۃً۔

2...وسائلِ بخشش، صفحہ:698۔

موت کي هميشم ياد رکو!

پيارا اسلامي پائرو! هي ٻه وصفون آهن:

اَلَّذِیْنَ یَظُنُّوْنَ اَنَّهُمْ مُّلٰقُوْا رَبِّهِمْ وَ اَنَّهُمْ اِلَیْهِ رٰجِعُوْنَ

ترجمو کنزالعرفان: (اهي) جن کي يقين آهي ته کين پنهنجي رب سان ملڻو آهي ۽ کين ان ڏانهن ئي موٽڻو آهي. (سيپارو :1، البقره:46)

(1) بارگاهِ الاهي ۾ حاضري جو تصور. (2) موت جي ياد. اهي ٻئي شيون جيڪڏهن نصيب ٿي وڃن ته اسان پوريءَ طرح اندران سڌري سگهون ٿا. تنهنڪري اهي ٻئي وصفون پاڻ ۾ پيدا ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش فرمايو!

ڊڄو...!! موٽڻ واري ڏينهن کان

سيپارو: 3، سورة البقره، آيت: 281 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَ اتَّقُوْا یَوْمًا تُرْجَعُوْنَ فِیْهِ اِلَى اللّٰهِ (پاره: 3، البقره: 281)

ترجمو کنزالعرفان: ۽ ان ڏينهن کان ڊڄو جنهن ۾ توهان الله ڏانهن موٽايا ويندؤ.

هڪ قول مطابق هن آيت سڳوري جي معنيٰ آهي: اي ايمان وارؤ! ان ڏينهن کان ڊڄو جڏهن توهان هن دنيا کي ڇڏي آخرت جي سفر تي روانا ٿي ويندؤ. (1)

افسوس! اهو ڏينهن جڏهن ملڪ الموت عَلَيْهِ السَّلَام تشريف کڻي ايندا، بدن مان روح ڇڪي ڪڍيو ويندو، مسجدن ۾ اعلان ڪيو ويندو: فلاڻو پٽ فلاڻي

1... تفسير بيضاوی مع حاشيہ شيخ زاده، پاره:3، سورۂ بقره، زيرِ آيت :281، جلد:2، صفحه:676 خلاصةً۔

جو قضاءِ الاهي سان انتقال ڪري ويو. افسوس! پوءِ جلد ئي غسال (غسل ڏيندڙ) کي گهرايو ويندو، غسل ڏئي ڪفن پارايو ويندو، پوءِ...!! ڏسندي ئي ڏسندي اسان کي اونداهيءَ قبر ۾ لاٿو ويندو. اي ايمان وارؤ! ڊجو...!! ان ڏينهن کان ڊجو...!!

ہے یہاں سے تجھ کو جانا ایک دن | قبر میں ہو گا ٹھکانا ایک دن
منہ خدا کو ہے دِکھانا ایک دن | اب نہ غفلت میں گنوانا ایک دن
ایک دن مرنا ہے آخر موت ہے | کر لے جو کرنا ہے آخر موت ہے

دل جي سختيءَ جو علاج

هڪ پيرو هڪ شخص بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو ۽ دل جي سختيءَ جي شڪايت ڪيائين. سرڪارِ عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اِطَّلِعْ فِي الْقُبُوْرِ وَاعْتَبِرْ بِالنُّشُوْرِ يعني قبرن جي حالتن تي غور ڪندا ڪريو ۽ مرڻ کان پوءِ (ٻيهر زنده ٿي) اٿڻ مان عبرت حاصل ڪندا ڪريو...!![1]

جب اس بزم سے چل دیئے دوست اکثر | اور اٹھتے چلے جا رہے ہیں برابر
یہ ہر وقت پیشِ نظر جب ہے منظر | یہاں پر ترا دِل بہلتا ہے کیوں کر
جگہ جی لگانے کی دُنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

[1] ... شُعَبُ الْاِیْمَان، باب الصلاة علی من مات، فصل فِي زيارة القبور، صفحه:16، جلد:7، حديث:9292۔

سڃي آکڙ ختم ٿي وئي...!!

هڪ انتهائي ظالم حڪمران گذريو آهي: حجاج بن يوسف. ان جي فوج جو هڪ سپهہ سالار هو، جنهن جو نالو هو: مُهلب. هڪ ڏينهن مهلب ريشمي ڪپڑا پهري، آکڙجي تڪبر سان هلي رهيو هو. حضرت مُطَرِّف بِن عبدالله رَحمةُاللهِعَلَيْه ڪيس ائين تڪبر واري چال هلندي ڏٺو تہ دل ۾ نيڪي جي دعوت جو جذبو بيدار ٿيو، سو پاڻ رَحمةُاللهِعَلَيْه مهلب جي ويجهو تشريف کڻي آيا ۽ فرمايائون: اي الله جا ٻانها! هلڻ جو هي انداز الله پاڪ جي ناپسنديده ماڻهن ۽ رسول الله صَلَّىاللهُعَلَيْهِوَآلِهِوَسَلَّم جي دشمنن جو آهي. مهلب فوج جو سپهہ سالار هو، عهدي ۽ مرتبي جو نشو سندس مٿي تي جادوءَ وانگر سوار هو. جڏهن هن ڏٺو تہ هڪ شخص ڪيس نصيحت ڪري رهيو آهي تہ نرڙ تي گهنج آڻي چيائين: ڇاڻين ٿو مان ڪير آهيان؟ حضرت مطرف بن عبدالله رَحمةُاللهِعَلَيْه ٻہ ماشاءَ الله! زنده دل هئا، پاڻ نرمي سان ارشاد فرمايائون: ها! ڄاڻان ٿو تہ تون ڪير آهين: اَوَّلُكَ نُطْفَةٌ مَذِرَةٌ تون پهريان هڪ ناپاڪ نطفو هئين، وَ آخِرُكَ جِيْفَةٌ قَذِرَةٌ پڇاڙيءَ ۾ تون هڪ گندو مردار ٿي ويندين، وَاَنْتَ بَيْنَ ذَالِكَ تَحْمِلُ الْعَذِرَةَ ۽ انهن ٻنهي حالتن جي وچ ۾ تون پنهنجي پيٽ ۾ گندگي ڪنيو پيو هلين. اهو ٻڌي مهلب جو عقل نڪاڻي اچي ويو، هن تڪبر واري چال ڇڏي ڏني ۽ اڳتي روانو ٿي ويو. (1)

وہ ہے عیش و عشرت کا کوئی محل بھی | جہاں تاک میں ہر گھڑی ہو اَجل بھی
بس اب اپنے اس جہل سے تُو نکل بھی | یہ جینے کا انداز اپنا بدل بھی

1...مکاشفۃ القلوب باب فی بیان ذم الکبر، صفحہ:235۔

جگہ جی لگانے کی دُنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

اي عاشقانِ رسول! معلوم ٿيو ته: تڪبر جو نشو، پاڻ کي پسند ڪرڻ جو نشو. طاقت ۽ قوت. عهدي ۽ مرتبي جو گهمنڊ. مال ۽ دولت جو نشو اسان جي مٿي تان لهي سگهي ٿو، جيڪڏهن اسان موت کي ياد ڪرڻ وارا بڻجي وڃون. الله پاڪ اسان کي خوفِ خدا نصيب ڪري، قيامت جي ڏينهن رب جي بارگاهه ۾ حاضري جو ڊپ عطا ڪري، ڪاش! موت جي ياد نصيب ٿي وڃي...!!

خوفِ خدا حاصل ڪرڻ جا طريقا

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان خوفِ خدا جي اهميت بابت ٻڌو. خوفِ خدا ئي اها بنيادي شيءِ آهي جنهن جي ذريعي اسان پنهنجي دنيا ۽ اڃڙ جي مقصد کي پورو ڪري سگهون ٿا. خوفِ خدا جي ذريعي ئي اسان گناهن کان بچي سگهون ٿا ۽ خوفِ خدا سان ئي اسان جو معاشرو هڪ مثالي معاشرو بڻجي سگهي ٿو. هاڻي سوال اهو آهي ته اسان جي اندر خوفِ خدا ڪيئن پيدا ٿيندو؟ ان جي لاءِ قرآن ڪريم جي تلاوت جو معمول بڻايو وڃي، خاص ڪري اهي آيتون جن ۾ الله پاڪ جي عذاب، جهنم ۽ قيامت جو ذڪر آهي. انهن آيتن جو ترجمو ۽ تفسير پڙهي ذهن ۾ ويهاري خوب توجهه سان بار بار تلاوت ڪئي وڃي. اهي حديثون جن ۾ خوفِ خدا جو بيان آهي، اهي پڙهيون وڃن. خوفِ خدا تي ٻڌل ڪتابن جو مطالعو ڪيو وڃي. خوفِ خدا رکندڙ بزرگن جي سيرت پڙهي وڃي. شيڊول بڻائي روزانو يا گهٽ ۾ گهٽ هفتي ۾ هڪ پيرو قبرستان حاضري ڏني وڃي، اتي فاتحه ۽ پڙهي وڃي ۽ ڳڏوگڏ ان ڳالهه تي غور ۽ ڪيو

وجي تہ جلد ئي مون کي بہ قبر ۾ اچڻو آهي، ان وقت منهنجي بيوسي جو عالم ڇا هوندو؟ پوءِ قبر جي معاملن تي غور ڪيو وجي. اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيْم! خوفِ خدا نصيب ٿي ويندو. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

نيڪ اعمال (Naik Amal) موبائل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي پائرو! خوفِ خدا ماڻڻ، نيڪ بڻجڻ ۽ نيڪ عملن ۾ اضافي جو هڪ ذريعو "نيڪ اعمال" رسالو بہ آهي. دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي (I.T) ڊپارٽمينٽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: "نيڪ اعمال" (Naik Amal). هن ايپليڪيشن ۾: اسلامي پائرن، اسلامي پينرن ۽ شاگردن (Students) لاءِ الڳ الڳ نيڪ عملن جا رسالا موجود آهن. ان کي 6 مختلف بولين (انگريزي، اردو، هندي، بنگلا، گجراتي ۽ سنڌي) ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو. ان ۾ مختلف نيڪ عملن تي ٻڌل سوال ڏنا ويا آهن. هر سوال جي هيٺان 30 خانا آهن، روزانو پنهنجي مرضيءَ جو ڪو بہ وقت مقرر ڪري پنهنجي عملن جو جائزو ونو، ان مطابق زندگي گذاريو. اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيْم! ان جي برڪت سان گناهن کان بچڻ، نيڪيون ڪرڻ جو ذهن ٻڌبو، دل جي پاڪيزگي ملندي ۽ ڪردار اجرو ۽ خوبصورت ٿي ويندو.

بيان کي پڃاڻي ڏانهن آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

درست ڇاآهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ موجود غلط فهمي جي نشاندهي)

مسئلو: جمعي جي ٻي اذان ۾ خاموش رهڻ اوليٰ (بهتر) آهي.

وضاحت: جمعي جي ڏينهن جڏهن عربي وارو خطبو پڙهيو ويندو آهي، اهو خطبو خاموشي سان ٻڌڻ واجب آهي. اهڙي طرح جيڪا خطبي کان پهرين اذان ٿيندي آهي (جنهن کي جمعي جي ٻي اذان چيو ويندو آهي)، اها اذان ۾ توجهه سان خاموش رهي ٻڌڻ گهرجي. ان وقت عام طور تي ماڻهو ڪشمڪش ۾ هوندا آهن، ڪجهه ماڻهو ان اذان جو جواب ڏئي رهيا هوندا آهن، ڪجهه ناهن ڏيندا، ڪجهه ماڻهو اذان دوران آڳوٺا چمندا آهن، ڪجهه ناهن چمندا. هن ڪشمڪش جو علاج يعني درست شرعي مسئلو ڇا آهي؟ ٻڌي وٺو! خطيب صاحب جن کي عربي وارو خطبو پڙهڻو آهي، انهن لاءِ ان اذان جو جواب ڏيڻ ۽ آڳوٺا چمڻ جائز آهي. باقي ماڻهن لاءِ بهتر اهو آهي ته نه زبان سان اذان جو جواب ڏين ۽ نه ئي آڳوٺا چمن. فتاويٰ رضويه ۾ آهي: خطبي جي اذان جي جواب ۾ ان کان پوءِ دعا پڙهڻ کان بچڻ اوليٰ آهي ۽ جيڪڏهن ڪري وٺن ته حرج ناهي. ائين ئي خطبي جي اذان ۾ نالي پاڪ تي آڳوٺا چمڻ کان بچڻ اوليٰ (بهتر) آهي ۽ چمي وٺن ته حرج ناهي. پر خطبي ۾ رڳو سڪون جو حڪم آهي. خطبي ۾ نالو پاڪ ٻڌي رڳو دل ۾ درود شريف پڙهن ۽ ٻيو ڪجهه نه ڪن، زبان کي حرڪت به نه ڏين.[1] الله پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1...فتاوىٰ رضويه، جلد:8، صفحه:468۔

اسماءُ الحسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

يَا وَارِثُ (اي حقيقي مالڪ!)

جيڪو به "يَا وَارِثُ" جو ورد ڪندو، اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيْم! ان جي عمر ڊگهي ٿيندي. [1] الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]...مدنی پنج سوره، صفحه: 259۔